# امیرِ اهلِ سنّت جا 150 ارشاد

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفڪر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: امير اهلِ سنّت جا 150 ارشادات

ڇاپو پهريون: ذيقعدة الحرام 1444 جون 2023

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# امیرِ اهلِ سنّت جا

# 150 ارشاد

**پيشڪش**

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# اميرِ اهلِ سنّت جا
# 150 ارشاد

**دعاءِ جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت:** ياربَّ المُصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”اميرِ اهلِ سنّت جا 150 ارشاد“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي امير اهل سنت جي صدقي نيڪي جي راھ تي هلاءِ ۽ دين و دنيا جون خوب برڪتون عطا فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ باڪمال آهي: اِذَا نَسِيْتُمْ شَيْئًا فَصَلُّوْا عَلَيَّ تَذْكُرُوْهُ اِنْ شَآءَ اللّٰه يعني جڏهن توهان ڪان ڪا شيءِ وسري وڃي تہ مون تي درود شريف پڙهندا ڪيو ان شاءالله اها شيءِ توهان کي ياد اچي ويندي.

(القول البديع، ص 427)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بزرگن جي ارشادن جي اهميت

حضر لقمان رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي فرمايو: عالمن

سان لازمي ويهندا ڪيو ۽ حڪمت وارن جو ڪلام ٻڌندا ڪيو ڇو ته الله پاڪ حڪمت جي نور سان مرده دل کي اهڙي طرح زنده ڪندو آهي جيئن مئل زمين کي بارش جي قطرن سان(سيراب ڪندو آهي).

(معجم ڪ،199/8، حديث: 7810)

ياد رهي علم ۽ حڪمت پرين ڳالهين سان جتي فڪر و نظر جي حوالي سان ذهن سازي ٿئي ٿي اُتي علمِ دين سکڻ جو به ثواب هٿ اچي ٿو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامه مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ به اسلاف جي طريقي تي عمل ڪندي عام فهم انداز سان قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ نه صرف شرعي سوالن جا جواب ارشاد فرمائيندا آهن، بلڪ بعض اوقات قيمتي طِبّي معلومات سان به روشناس فرمائيندا آهن، ڪيئي مشڪلات جو حل به ٻڌائيندا آهن، مختلف علمي مدني گلن جي ذريعي ان کي وڌيڪ منفرد ٻڌائيندا ۽ ڏسڻ وارن جي دلين ۾ خوفِ خدا ۽ عشق مصطفيٰ جي شمع ٻاريندا آهن. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي مجلس وعظ و نصيحت جو خزانو ۽ گمراهن جي لاءِ هدايت جي سيڙهي آهي. اچو! مختلف موضُوعن تي سندن ارشاد ٻڌون ٿا:

## اميرِاهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جا 150 ارشاد

(1) اسلام امن ۽ راحت جو پيغام ڏي ٿو.

(17شوال 1435 بمطابق14اگست2014)

(2) ڪو ڪم ڪرڻو هجي ته (ان کي) سنجيده ونڻو پوندو، انسان سنجيدگي سان ڪو ڪم ڪري ته منزل ماڻي وٺندو آهي.

(20شوال 1435 ھمطابق16اگست2014)

(3) ضرورت مطابق روزي تي قناعت ڪرڻ سکو.

(4 ذوالقعدة الحرام 1435ھ30 اگست 2014)

(4) فضول ڳالهين کان انکري بچو جو فضول ڳالهيون ڪندي ڪندي ڪتي گناهن وارين ڳالهين ۾ بہ مبتلا تي وجو.

(4 ذوالقعدة الحرام 1435ھ30اگست 2014)

(5) جنهن مريد ۾ ديني خوبيون جيتريون وڌيڪ هونديون، پير پنهنجي اُن مريد سان اوتري وڌيڪ محبت ڪندو.

(18ذوالقعدة الحرام 1435ھ13ستمبر2014)

(6) والدين پنهنجي اولاد تي هي ظاهر نہ ڪن تہ اسان پنهنجي فلاڻي پٽ يا ڌيء کان وڌيڪ محبت ڪيون ٿا نہ تہ ٻيا احساس ڪمتري جو شڪار ٿي ويندا ۽ هي انهن جي لاءِ باعثِ هلاڪت ٿيندو.

(18ذوالقعدة الحرام 1435ھ13ستمبر2014)

(7) سوشل ميڊيا تي پنهنجي نهيل اڪائونٽن تي پنهنجي تصوير لڳائڻ مون کي سٺو ناهي لڳندو، پنهنجون تصويرون ختم ڪري حُبِّ جاهہ جو خاتمو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو.

(18ذوالقعدة الحرام 1435ھ13 ستمبر2014)

(8) جيترو وڌيڪ نيڪي ڪرڻ ۾ شيطان وسوسو وجهي، اوترو ئي وڌيڪ همت سان نيڪي ڪرڻ گهرجي.

(18ذوالقعدة الحرام 1435ھ13ستمبر2014)

(9) ٻارن کي جانورن سان حسن سلوڪ ڪرڻ جو ذهن ڏيڻ گهرجي.

(30ذوالقعدة الحرام 1435ھ25ستمبر2014)

(10) پنهنجي نيڪ اعمال تي مطمئن نہ ٿيڻ گهرجي بلڪ الله پاڪ جي خفيہ تدبير سان ڊڄندو رهڻ گهرجي.

(30ذوالقعدة الحرام 1435ھ25ستمبر2014)

(11) پير جي توجھ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پير جي اطاعت ڪرڻ گھرجي.

(30ذوالقعدة الحرام 1435ھ25ستمبر2014)

(12) ڪتاب لکڻ آسان ڪم ناھي جيڪو ان جو اھل ھجي انھي کي ھي ڪم ڪرڻ گھرجي.

(فرسٹ ذوالحجة الحرام 1435ھ 26ستمبر2014)

(13) چڱي دوست کي سڃاڻڻ جي لاءِ ان سان گڏ سفر ڪيو يا ڪو بہ معاملو مثلاً خريد و فروخت وغيره ڪيو.

(فرسٹ ذوالحجة الحرام 1435ھ 26ستمبر2014)

(14) جيستائين اسان الفاظ نہ ڳالھايا، اسان جا آھن، جڏھن نڪري ويا تہ ٻين جا ٿي ويا، اھي جيڪو چاھين ڪن.

(3ذوالحجة الحرام 1435ھ28ستمبر2014)

(15) صحابہ ڪرام پنھنجي ٻارن کي بھادري جي تربيت ڏيندا ھئا. اسان جا ٻار شير وانگر بھادر ھجڻ گھرجن.

(4ذوالحجة الحرام1435ھ29ستمبر2014)

(16) سيئي ملي ڪري ملڪ جي تعمير ۽ مسجد ڀريو تحريڪ ۾ اسان جو ساٿ ڏيو، اسان جو ٻچو ٻچو نمازي بڻجي ويو تہ ملڪ بہ خوشحال ٿي ويندو.

(5ذوالحجة الحرام 1435ھ30ستمبر2014)

(17) سُنت ۾ عظمت آھي.

(10ذوالحجة الحرام 1435ھ 5اڪتوبر2014)

(18) معاشري جي غلط رسمن ۾ شامل ٿي وڃڻ مردانگي ناھي. بلڪ مرد اھو آھي جيڪو معاشري کي پنھنجي پويان ھلائي

(11ذوالحجة الحرام 1435ھ 6اڪتوبر2014)

(19) گهٽ خرچ ڪرڻ جي عادت اپنائڻ سکو ۽ جيڪڏهن هڪ ڏينهن جو کاڌو بچي وڃي ته اچلائڻ بدران ٻي ڏينهن کائي ڇڏيو.

(16ذوالحجة الحرام 1435ھ 11اکتوبر2014)

(20) بزرگن سان نسبت رکڻ واري هر شيءِ "تبرڪ" آهي..

(16ذوالحجة الحرام 1435ھ 11اکتوبر2014)

(21) والدين سان خدمت وٺڻ جي بدران انهن جي خدمت ڪيو.

(16ذوالحجة الحرام 1435ھ 11اکتوبر2014)

(22) معافي گهرڻ سان ويليو گهٽبي ناهي بلڪ وڌندي آهي.

(23ذوالحجة الحرام 1435ھ 18اکتوبر2014)

(23) فضُول گفتگو کان بچو ته جيئن گناهه ۾ نه پئجي وڃو.

(23ذوالحجة الحرام 1435ھ 18اکتوبر2014)

(24) ڪنهن کي"مجرائڻ" اسان جو ڪم ناهي اسان جو ڪم صرف "سمجهائڻ" آهي.

(23ذوالحجة الحرام 1435ھ 18اکتوبر2014)

(25) پنهنجي نيڪي تي اعتماد نه ڪيو بلڪ الله جي رحمت تي نظر رکو.

(23ذوالحجة الحرام 1435ھ 18 اکتوبر2014)

(26) ملي ڪري کاڌو کائيندي اهڙو انداز اختيار نه ڪيو جو ٻين کي ڪراهت ٿيڻ لڳي، مُهذَّب ۽ تهذيب وارو انداز هجڻ گهرجي..

(24ذوالحجة الحرام 1435ھ 19اکتوبر2014)

(27) رنگ ڳالهين سان گهٽ ۽ صحبت مان وڌيڪ چڙهندو آهي.

(25ذوالحجة الحرام 1435ھ 20اکتوبر2014)

(28) مخلص انسان هزار پردن ۾ لڪي ڪري به نيڪ ڪم ڪري، الله پاڪ ان کي ماڻهن ۾ مشهور ڪري ڇڏيندو آهي.

(25ذوالحجة الحرام 1435ھ 20اکتوبر2014)

(29) خوفِ خدا جي هڪ اهم علامت هي آهي تہ بانهو الله پاڪ جي نافرماني کان بچي.

(25ذوالحجة الحرام 1435ھ 20اڪتوبر2014)

(30) ملنسار انسان سان ماڻهون محبت ڪندا آهن،

(25ذوالحجة الحرام 1435ھ 20اڪتوبر2014)

(31) قرباني واري عيد هجي يا مٺي عيد، اسان کي ڏجي ڪري ۽ گهٽ کائڻ گهرجي.

(فرسٽ محرم الحرام 1436ھ 25اڪتوبر2014)

(32) منهنجو تجربو آهي تہ في زمانہ مسلمانن جي غالب اڪثريت کي درست نماز نہ ٿي اچي، نہ مخارج درست آهن ۽ نہ ارڪان درست ادا ڪن ٿا.

(فرسٽ محرم الحرام 1436ھ 25اڪتوبر2014)

(33) اسان جي هر ڪم جو مقصد رضاءِ الٰهي هجڻ گهرجي.

(فرسٽ محرم الحرام 1436ھ 25اڪتوبر2014)

(34) اسان جي زندگي جو مقصد الله ۽ رسول کي راضي ڪرڻ آهي، پر اسان ماڻهن کي راضي ڪرڻ ۾ ذليل ٿي رهيا آهيون.

(فرسٽ محرم الحرام 1436ھ 25اڪتوبر2014)

(35) گاڏين جا مالڪ پنهنجي گاڏين ۾ لکي لڳائي ڇڏين: هن گاڏي ۾ ڳائڻ وڄائڻ ۽ فلمون وغيره ناهن ڏيکاريون وينديون، مسافر اصرار نہ ڪن.

(3محرم الحرام 1436ھ 27اڪتوبر2014)

(36) حلال رزق جي حصول جي لاءِ اهو ڪاروبار ڪيو، جنهن ۾ دين جي خدمت بہ ڪري سگهو.

(3 محرم الحرام 1436ھ 27اڪتوبر2014)

(37) برائين کان بچڻ جو شعور برائي کان بچڻ جو ذريعو.

(4محرم الحرام 1436ھ 28اکتوبر2014)

(38) امام معاشري جا معزز ترين ماڻهو آهن، انهن جو احترام ڪيو. انهن جي خدمت ڪيو پر مصافحي جي دوران رقم نہ ڏيو بلڪ لفافي ۾ وجهي ڪري اڪيلائي ۾ ڏيو.

(5محرم الحرام 1436ھ 29اکتوبر2014)

(39) مسجد جا خادم معاشري جا مظلوم ترين فرد آهن، انهن سان بہ مالي تعاون ڪيو.

(5محرم الحرام 1436ھ 29اکتوبر2014)

(40) دڪانن جا نالا مُتبرَّڪ نہ رکيا وڃن ڇوتہ انهن جي توهين ٿي سگهي ٿي مثلاً غوثيہ ٽيلرز وغيره بلڪ دنياوي نالا رکيا وڃن..

(5محرم الحرام 1436ھ 29اکتوبر2014)

(41) افسوس! اڄڪلهہ غفلت جو دو دوران آهي خوف ڏيارينڌڙ شيون مثلاً ڪڪرن جي گجگوڙ ۽ ڪِنوڻ جو ڪڙڪڻ وغيره ۾ ماڻهو توبھ جي بدران، مذاق مستي ۽ لطف اندوز ٿيندا آهن.

(5محرم الحرام 1436ھ 29اکتوبر2014 خصوصي)

(42) گناهن کان بچڻ جي لاءِ گناھ جي اسباب کي ختم ڪرڻو پوندو.

(6محرم الحرام 1436ھ 30اکتوبر2014 خصوصي)

(43) الله پاڪ جي نافرماني ڪرڻ مسلمان جو نہ، شيطان جو ڪم آهي.

(7محرم الحرام 1436ھ 31اکتوبر2014)

(44) مُسلسل نيڪي جي دعوت ڏيندا رهو شرم و گهبراهٽ ختم ٿي ويندي.

(7محرم الحرام 1436ھ 31اکتوبر2014 خصوصي)

(45) جنهن ڳالهين سان گناهن جو دروازو کُلي اُن کان بچڻ گهرجي.

(8محرم الحرام 1436ھ فرسٽ نومبر2014)

(46) قبرستان ويندا رهو جو هن سان عبرت حاصل ٿيندي آهي.

(8محرم الحرام 1436ھ فرسٽ نومبر2014)

(47) جنهن ڊاڪٽر جي علاج مان فائدو نہ ٿي ان کي برو پلو نہ چئو، شفا ڏيڻ وارو تہ الله ڪريم آهي.

(9محرم الحرام 1436ھ 2نومبر2014)

(48) جنهن شيءِ جي نسبت حرمين طّيبين (مڪي ۽ مديني) ۽ بزرگن سان ٿي وڃي، شريعت جي دائري ۾ رهندي انهن جي لاءِ بهتر کان بهترين الفاظ استعمال ڪيو.

(9محرم الحرام 1436ھ 2نومبر2014)

(49) هر ان ڳالهہ ۽ حرڪت کان بچو جنهن سان ڪنهن مسلمان جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي.

(10محرم الحرام ۱۴۳۶ھ 2 نومبر2014)

(50) هر فرد کي عالم بڻجڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

(8محرم الحرام 1441)

(51) استاد ۽ ڪتابن جو وڌ کان وڌ احترام ڪيو وڃي، ان شاءالله علم جي مناڻ ملندي.

(11محرم الحرام 1436ھ 4نومبر2014)

(52) جيڪڏهن امام مسجد، ملنسار ۽ بااخلاق هجي تہ اهو دين جي گهڻي خدمت ڪري سگهي ٿو. اهڙو مسجد جو امام محلي جو بي تاج بادشاه هوندو آهي.

(11محرم الحرام 1436ھ 4نومبر2014خصوصو)

(53) ڪنهن مُسلمان کي ٻي مسلمان کان بدذهن نہ ڪرڻ گھرجي.

(11محرم الحرام 1436ھ 4نومبر2014خصوصی)

(54) جيڪڏهن شاگردن جا اخلاق درست ٿي وڃن ۽ انهن ۾ صحيح معنيٰ ۾ سنجيدگي اچي وڃي تہ هي دين جي تمام گهڻي خدمت ڪري سگهن ٿا.

(15محرم الحرام ۱۴۳۶ھ 8نومبر2014خصوصی)

(55) ديني ڪتاب سستا فروخت ڪيا وڃن تہ جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو فائدو حاصل ڪن، هي ديني مُروَّت (يعني اخلاق) جي تقاضا آهي.

(16محرم الحرام 1436ھ 9نومبر2014خصوص)

(56) ڏاڙهي ۽ عمامو شريف اهڙيون نعمتون آهن جيڪي انسان ۾ موجود برايون ختم ڪن ٿيون.

(21محرم الحرام 1436ھ 15نومبر2014خصوصی)

(57) موٽر سائيڪل تي ٽرهيل(يعني ٽرپل سواري) قانوني ۽ اخلاقي جرم ۽ جان جي لاءِ خطرو آهي.

(21محرم الحرام 1436ھ 15نومبر2014خصوصی)

(58) ماءُ پيءُ جو علاج بکيو رهي بہ ڪرائڻ گھرجي.

(21محرم الحرام 1436ھ 15نومبر2014خصوصی)

(59) جيڪي نيڪي ڪرڻ چاهين ٿا، انهن کي سنجيده هجڻ ضروري آهي، صرف ”چاهڻ“ ڪافي ناهي.

(29محرم الحرام 1436ھ 22نومبر2014)

(60) جڏهن ڪو طبيعت پڇي تہ جواب ۾ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن چيو وڃي، ٻارن کي بہ سيکاريو وڃي.

(7صفر المظفر 1436ھ 29نومبر2014)

(61) مون کي ننڍپڻ کان باجماعت نماز پڙهڻ جو جذبو هيو.

(7صفر المظفر 1436ھ 29نومبر2014)

(62) خاموش رهڻ ۾ دنيا ۽ آخرت جا فائدا آهن.

(7صفر المظفر 1436ھ 29نومبر2014)

(63) مدني چينل چڱي چڱي نيتن سان ڏسڻ عبادت آهي. ڇوته هي خالص ديني چينل آهي.

(7صفر المظفر 1436ھ 29نومبر2014)

(64) حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھَا جي شان تارن ۽ مٽي جي ذرّن کان وڌيڪ آهي.

(16صفر المظفر 1436ھ 6دسمبر2014)

(65) تنگدستي جي سببن مان هي بہ آهي تہ والدين کي نالو وٺي پڪاريو وڃي .

(16صفر المظفر 1436ھ 6دسمبر2014)

(66) اصل نيڪ اهو آهي جيڪو الله پاڪ وٽ بہ نيڪ هجي، محض شهرت هجڻ ڪافي ناهي.

(21صفر المظفر 1436ھ 13دسمبر2014)

(67) مخاطب کان سندس مقام و مرتبہ جي مطابق چڱن لفظن سان گفتگو ڪيو.

(16صفر المظفر 1436ھ 6دسمبر2014)

(68) دعوت اسلامي ”عمل“ جي تحريڪ آهي، رسمي ناهي.

(21صفر المظفر 1436ھ 13دسمبر2014)

(69) شهريت ۾ بہ امتحان آهي.

(21صفر المظفر 1436ھ 13دسمبر2014)

(70) هر هڪ کي سندس نفسيات جي مطابق نيڪي جي دعوت ڏني وڃي.

(28صفر المظفر 1436ھ 20دسمبر2014)

(71) ڪاش! ايئن ٿي جڏهن اسان ڳالهائڻ چاهيون ته ٿورو بيهي رهون، سوچون، پوءِ ڳالهايون.

(28صفر المظفر 1436ھ 20دسمبر2014)

(72) ”ڪنهن به مسلمان تي طعنه زني نه ڪئي وڃي.

(28صفر المظفر 1436ھ 20دسمبر2014)

(73) حافظ کي سڄو سال قرآن مجيد تلاوت ڪندو رهڻ گهرجي، ته جيئن منزل پڪي رهي

(28صفر المظفر 1436ھ 20دسمبر2014)

(74) ڪوشش ڪري اهڙي فلائٽ يا بس ۾ سفر ڪيو، جنهن ۾ ڪنهن نماز جو وقت نه اچي.

(28صفر المظفر 1436ھ 20دسمبر2014خصوصي)

(75) پنهنجي ٻارن کي شير ٻڌايو، دعوت اسلامي جا رسالا پڙهايو، جنن ۽ پرين جي ڪهاڻين کان بچايو.

(2ربيع الاوّل 1436ھ 24دسمبر2014)

(76) ماڻهو عام طور چئي ڇڏيندا آهن ته الله پاڪ هيئن فرمايو، قرآن ۾ هيئن آهي جيڪو نهايت غلط انداز آهي، جيستائين سو فيصد يقين يا ڪنهن مُفتي يا مُستند عالم کان تصديق نه ڪري وٺو ته پنهنجي طرفان ايئن نه چوندا ڪريو.

(2ربيع الاوّل 1436ھ 24دسمبر2014)

(77) مومن نرم طبيعت ۽ نرم زبان وارو هوندو آهي.

(4ربيع الاوّل 1436ھ 26دسمبر2014)

(78) نرم مزاج شخص سان ماڻهو محبت ڪندا آهن.

(4ربيع الاوّل 1436ھ 26دسمبر2014)

(79) باطن ڪي اجرو ۽ نئون ڪرڻ جي لاءِ سچي توبھ ڪيو.

(5ربيع الاوّل 1436ھ 27دسمبر2014)

(80) ڄاڻي واڻي نماز ترڪ ڪرڻ سان دل ميري ٿي ويندي آهي.

(5ربيع الاوّل 1436ھ 27دسمبر2014)

(81) مسلمان جتي بہ هجن، اسلام جي اصولن جا پابند آهن.

(5ربيع الاوّل 1436ھ 27دسمبر2014)

(82) جلوسِ ميلاد ۾ نياز ڪي ماڻهو ڏانهن اڇلڻ جي بدران هٿن ۾ ڏيندا ڪيو.

(5ربيع الاوّل 1436ھ 27دسمبر2014)

(83) جلوسِ ميلاد ۾ اهڙي پُروقار ۽ باادب انداز ۾ شرڪت ڪيو جو غير مسلم بہ ڏسي تہ مسلمان ٿي وڃي.

(5ربيع الاوّل 1436ھ 27دسمبر2014)

(84) اصل حافظ قرآن اهو آهي جيڪو قرآن جا احڪام مڃي ۽ عمل ڪري.

(6ربيع الاوّل ۱۴۳۶ھ 28دسمبر2014)

(85) موبائل فون جا نقصان ان جي فائدن ڪان وڌيڪ آهن.

(8ربيع الاوّل 1436ھ 30دسمبر2014)

(86) روزانو احتساب ڪرڻ گهرجي تہ زندگي جو هڪ قيمتي وقت گذري ويو.

(9ربيع الاوّل 1436ھ 31دسمبر2014)

(87) دنيا جي تاريخ جي مطالعي مان هي ڳالھ معلوم ٿئي ٿي: ”انقلاب“ هميشہ هڪ ئي آڻيندو آهي، باقي ماڻهو ان هڪ جا

مددگار هوندا آهن.

(10ربيع الاوّل 1436ھ فرسٽ جنوری2015)

(88) چراغان ۾ بُزرگن جو نياز، سُنّين جو شعار آهي.

(16رمضان المبارک 1442ھ رات)

(89) جيڪو اسان جي هٿ ۾ آهي، ان کي تہ ڪو ڪسي سگهي ٿو، پر جيڪو اسان جي مقدر ۾ آهي اهو ڪوبہ نٿو ڪسي سگهي.

(11ربيع الاوّل 1436ھ 2 جنوری2015)

(90) مسجدن کي آباد ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ جڏهن بہ نماز پڙهڻ وڃو، تہ ڪنهن نئين(ماڻهو) تي انفرادي ڪوشش ڪري ساڻ وٺي وڃو. مسجد ۾ درس فيضانِ سُنّت جي ترڪيب بڻايو، مسجد ۾ دل لڳايو پڻ اُتي ويهي ذڪر و اذڪار ڪندا ڪيو.

(11ربيع الاوّل 1436ھ 2 جنوری2015)

(91) دل سمنڊ جيان وسيع هجڻ گهرجي، جنهن جي دل هر هر ڏڪندي هجي اهو دين جو تہ ڇا دنيا جو ڪم بہ نٿو ڪري سگهي، ان جا دوست تمام گهٽ هوندا آهن.

(11ربيع الاوّل 1436ھ 2 جنوری2015)

(92) ڪامياب ٿيڻ چاهيو ٿا تہ دل ۾ عشق مصطفيٰ جي شمع روشن ڪيو.

(11ربيع الاوّل 1436ھ 2 جنوری2015)

(93) نيڪ اعمال جو حقيقي عامل، هزارن لکن ۾ سجاتو ويندو آهي.

(12ربيع الاوّل 1436ھ 3جنوری2015)

(94) ان ڊاڪٽر کان علاج ڪرايو جيڪو امانت دار ۽ خوفِ خدا وارو هجي.

(11ربيع الاوّل 1436ھ 2 جنوری2015)

(95) دين تي عمل ڪرڻ سان اها عزّت ملندي آهي جو وزير بلڪ صدر بہ رشڪ ڪندا هوندا.

(12ربيع الاوّل 1436ھ 3جنوری2015)

(96) بعض اوقات ڪنهن نيڪ شخص وٽ ويهڻ سان تقدير بدلجي ويندي آهي.

(17ربيع الاوّل 1436ھ 8 جنوری2015)

(97) حصول علم دين نهايت اهم عبادت آهي.

(17ربيع الاوّل 1436ھ 8 جنوری2015)

(98) پارڙين کي بہ ڪڏهن ڪڏهن برقعو پارائڻ گهرجي تہ جيئن وڏيون ٿيڻ کان پهريائين پردي جو ذهن ٺهجي.

(19ربيع الاوّل 1436ھ 10 جنوری2015)

(99) مدني مذاڪرو معلومات جو خزانو آهي.

(17ربيع الاوّل 1436ھ 8 جنوری2015)

(100) ڪنهن مسلمان جي باري ۾ هيئن نہ چيو وڃي تہ"هلاڪ ٿي ويو" بلڪ "انتقال" ڪري ويو چوڻ بهتر آهي.

(19ربيع الاوّل 1436ھ 10 جنوری2015)

(101) جيڪڏهن امام و مؤذن ملنسار ۽ منا ٻول ڳالهائين تہ ماڻهن سندن اردگرد هوندا.

(19ربيع الاوّل 1436ھ 10 جنوری2015)

(102) امام و مؤذن کي پنهنجي غربت تي فاقو ڪرڻ گهرجي، پر ڪنهن مالدار جي سامهون هٿ ڦهلائڻ نہ گهرجي.

(26ربيع الاوّل 1436ھ 17 جنوری2015)

(103) پنهنجي دل ۾ عشق رسول جو ڏيئو ٻاريو، دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ملندي.

(2ربيع الآخر 1436ھ 22 جنوری2015)

(104) اعلي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڳالھ اسان جي لاءِ حرفِ آخر آھي.

(3ربيع الآخر 1436ھ 23 جنوری2015)

(105) گناھن جي عذابن کان واقفيت ھوندي تہ انھن کان بچڻ جو ذھن بڻبو.

(4ربيع الآخر 1436ھ 24 جنوری2015)

(106) ڀانھو ايتري مھربان ربّ جي نافرماني ڪيئن ڪري؟ جيڪو لاتعداد نعمتن کان نوازي ٿو.

(4ربيع الآخر 1436ھ 24 جنوری2015)

(107) عموماً دڙڪا ڏيڻ واري سيٺ کان، نوڪر وفا ناھي ڪندو.

(4ربيع الآخر 1436ھ 24 جنوری2015)

(108) مٺي ٻول ۾ اھڙو جادو آھي جو سرڪش(نافرمان)، فرمانبردار ٿي وڃي.

(4ربيع الآخر 1436ھ 24 جنوری2015)

(109) سخت ٻولن ۾ اھڙو زھر آھي جو اولاد بہ نافرمان ٿي وڃي..

(4ربيع الآخر 1436ھ 24 جنوری2015)

(110) بلااجازتِ شرعي، دل آزار انداز سان ڏسڻ بہ گناھ آھي.

(4ربيع الآخر 1436ھ 24 جنوری2015)

(111) جذبو سچو ھجي تہ ڪاميابي قدم چمندي آھي.

(4ربيع الآخر 1436ھ 24 جنوری2015)

(112) جڏھن ڪنھن ڪم جي پٺيان ڳاڇا نہ ھجي تہ اھو پھريان سست ۽ پوءِ ختم ٿي ويندو آھي.

(4ربيع الآخر 1436ھ 24 جنوری2015خصوصي)

(113) جيڪڏھن اوھان ڪنھن تي اصلاح جي ڪوشش ڪئي ۽ ھُو

سُنتن جو عامل بڻجي ويو تہ چڻ توھان ان جي اچڻ واري نسلن جي اصلاح ڪئي.

(4ربيع الآخر 1436ھ 24 جنوری2015خصوصی)

(114) مدني چينل جي نعمت سان ڀرپور فائدو وٺو ۽ ان کي ڏسڻ جي دعوت ڏيندا رھو.

(4ربيع الآخر 1436ھ 24 جنوری2015خصوصی)

(115) عرس ملھائڻ جي روح ھي آھي تہ جنھن بُزرگ جو عرس ملھائي رھيا آھيو، ان جي سيرت تي بہ عمل ڪيو.

(5ربيع الآخر 1436ھ 25 جنوری2015)

(116) جيئن کائڻ جي لالچ ڪئي ويندي آھي، ھن کان وڌيڪ نماز ۽ نيڪين جي لالچ ڪيو.

(5ربيع الآخر 1436ھ 25 جنوری2015)

(117) شروع کان ئي ٻارن کي گھٽو کائڻ پيئڻ ۽ سٺي لباس کان بي نياز ڪيو وڃي.

(5ربيع الآخر 1436ھ 25 جنوری2015)

(118) چڱي نيت ھجي تہ ڪنھن جي ديني نقصان تي دل ساڙڻ ثواب جو ڪم آھي.

(5ربيع الآخر 1436ھ 25 جنوری2015خصوصی)

(119) شادي ۾ بہ شريعت جا احڪامن ئي جي پابندي ڪئي وڃي. غير شرعي رسمن ۾ رشتيدارن جي ڳالھ نہ مڃي وڃي، رشتيدار نہ جنت ۾ داخل ڪري سگھن ٿا نہ دوزخ ۾ وجھي سگھن ٿا.

(5ربيع الآخر 1436ھ 25 جنوری2015خصوصی)

(120) مفتي گھٽو عقلمند ھوندو آھي.

(6ربيع الآخر 1436ھ 26جنوری2015)

(121) نالو وني سڏڻ سنت مبارڪ آهي.

(6ربيع الآخر ١٤٣٦ھ 26جنوری2015 خصوصي)

نيڪ ٻانهن جي صحبت ۾ دفن ٿيڻ (وڏي) سعادت جهڙي ڳالهه آهي.

(7ربيع الآخر 1436ھ 27جنوری2015)

(122) اهو وڏو بدنصيب آهي، جنهن تي اصلاح ڪرڻ وارن جو دروازو بند هجي.

(7ربيع الآخر 1436ھ 27جنوری2015)

(123) هيءُ ذهن ٻڌائي وٺو ته مون کي ڪو ماري يا ڌِڪا ڏي، مان دعوتِ اسلامي جو ماحول نه ڇڏيندس، بلڪ دعوتِ اسلامي سان ايئن چنبڙي وڃو، ڪو ٽڪرا ٽڪرا ڪري به جدا نه ڪري سگهي.
(7ربيع الآخر 1436ھ 27جنوری2015 خصوصي)

(124) بُزرگانِ دين جو فيض حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته انهن جي سيرت تي عمل ڪيو. اِنْ شَآءَاللّٰه ايترو فيض ملندو جو ٻين ۾ تقسيم ڪندؤ.

(8ربيع الآخر 1436ھ 28جنوری2015)

(125) ڪو ڪنهن به ناگوار انداز ۾ سوال ڪري، اسان کي صبر و تحمل سان هن جو اَحسن انداز ۾ جواب ڏيڻ گهرجي.

(8ربيع الآخر 1436ھ 28جنوری2015)

(126) ڪنهن به گناهه سان سڪون ناهي ملندو.

(8ربيع الآخر 1436ھ 28جنوری2015خصوصي)

(127) حرام مال ۾ برڪت ناهي هوندي، ڪنهن نه ڪنهن طرح سان هٿن مان نڪري ويندو آهي

(8ربيع الآخر 1436ھ 28جنوری2015خصوصي)

(128) حُبِّ جاهه (عزت ۽ شُهرت جي محبت) بُري بلا آهي. هن ۾ دنيا

و آخرت جي تباهي آهي.

(8ربيع الآخر 1436ھ 28جنوری2015خصوصی)

(129) اسان کي الله پاڪ جي لاءِ جيئڻو ۽ انهيءَ جي لاءِ مرڻو آهي.

(8ربيع الآخر 1436ھ 28جنوری2015خصوصی)

(130) ظلم، آخرت جو انڌيرو آهي.

(8ربيع الآخر 1436ھ 28جنوری2015خصوصی)

(131) جيڪڏهن اسان ڪامل طور فضول ڳالهين ڪان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، ته هي الله پاڪ جي(وڏي) نعمت آهي..

(8ربيع الآخر 1436ھ 28جنوری2015خصوصی)

(132) هڪ ڏينهن جي ٻار ڪان به تون چئي گفتگو نه ڪيو.

(8ربيع الآخر 1436ھ 28جنوری2015خصوصی)

(133) جيڪو اوهان سان"تون" چئي گفتگو ڪري ٿو، اوهان ان سان به اوهان چئي گفتگو ڪيو، جي جناب سان گفتگو ڪيو.

(8ربيع الآخر 1436ھ 28جنوری2015خصوصی)

(134) جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ نيڪ اعمال تي عمل ڪري ته اهو پرهيزگار بڻجي ويندو.

(8ربيع الآخر 1436ھ 28جنوری2015خصوصی)

(135) ٻارهين واري(غوث اعظم) جي دامن سان وابسته ٿي وڃو، ته اهو ٻارهين واري آقا (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تائين پڄائيندو.

(10ربيع الآخر 1436ھ 30جنوری2015)

(136) آخرت جي حساب سان قبر پهرين منزل آهي.

(28ذی القعدۃ الحرام 1443۔28جون2022)

(137) گناهہ ايمان جي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ ايمان ضايع هجڻ جو خطرو وڌي ويندو آهي.

(10ربيع الآخر 1436ھ 30جنوری2015)

(138) گناهن جي بيماري، بدن جي بيماري کان وڌيڪ تشويشناڪ آهي.

(16ربيع الآخر 1436ھ 5فروري2015)

(139) جنهن جو پٽ بي عمل هجي، ان کي ان جي پٽ جي بي عملي جو طعنو ڏيڻ دل آزاري آهي.

(16ربيع الآخر 1436ھ 5فروري2015)

(140) سڀني کان وڏي مصيبت ڪفر ۽ شرڪ جي آهي.

(16ربيع الآخر 1436ھ 5فروري2015)

(141) ڊاڪٽر ۽ دڪاندار ۽ نماز جي وقت پنهنجي دڪان وغيره تي هڪ بورڊ لڳائي ڪري باجماعت ادا ڪن. هن بورڊ ۾ واضح لکيل هجي ”نماز جو وقفو“ ۽ ان جي هيٺان هيءَ تحرير هجي”مون کي دعوت اسلامي سان پيار آهي“

(16ربيع الآخر 1436ھ 5فروري2015)

(142) عشقِ رسول جي لذت لازوال دولت آهي.

(16ربيع الآخر 1436ھ 5فروري2015)

(143) تهجد پڙهڻ واري جي چهري تي نور هوندو آهي.

(16ربيع الآخر 1436ھ 5فروري 2015خصوصي)

(144) مسجد جي سجاوٽ لائٽن سان نه، نمازين سان آهي.
(17ربيع الآخر1436ھ 6فروري2015)

(145) جيڪڏهن سڀئي ماڻهو ڪفايت شعاري سان بجلي استعمال ڪن ته سڄي ملڪ ۾ لوڊشيڊنگ ۾ گهٽتائي اچي ويندي.

(17ربيع الآخر1436ھ 6فروري2015)

(146) جيڪو بارگاهِ الٰهي ۾ جهڪندو آهي، بلندي ماڻيندو آهي.

(17ربيع الآخر1436ھ 6فروري2015)

(147) صبح جا خاص فضائل آھن، طلوع صبح کان طلوع آفتاب تائين الله پاڪ رزق عطا فرمائيندو آهي.

(17ربیع الآخر1436ھ 6فروری2015)

(148) موبائل فون کي رابطي جو آلو بڻايو، ان کي تفريح جي لاءِ استعمال نہ ڪيو. اڄڪلھ موبائل گناھن جو آلو بڻجي چڪي آهي.

(17ربیع الآخر1436ھ 6فروری2015)

(149) جڏھن بہ ڪو حديث شريف بيان ڪري تہ اُن ۾ پنھنجي طرف کان ڪو لفظ نہ ملايو.

(17ربیع الآخر1436ھ 6فروری 2015خصوصی)

(150) جذباتي انسان چڱو ڪم تمام سنو ڪندو آهي ۽ منفي ڪم تمام برو ڪندو آهي.

(17ربیع الآخر1436ھ 6فروری 2015خصوصی)

امير اھل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ملفوظات مان هڪ مدني گلدستو

**سوال:** باحيا بڻجڻ جو نسخو ارشاد فرمايو؟

**جواب:** حياء ھرشخص ۾ ھوندي آهي، ڪنھن ۾ گھٽ ھوندي ۽ ڪنھن ۾ وڌيڪ ھوندي آهي. ايستائين جو ڪو غير مسلم بہ ھجي تہ ان ۾ بہ ڪجھ نہ ڪجھ حياء ضرور ھوندي آهي، نہ تہ ڪپڙا ڇو پائين ها!! حياء آهي تڏھن تہ ڪپڙا پائين ٿا. باقي مسلمان جي حياء جي پنھنجي ئي شان آهي.

اميرالمؤمنين حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي حياء جي ڇا ڳالھ ڪجي! پاڻ چارديواري ۾ ڪپڙا تبديل ڪندي بہ حياء جي سبب سمٽجي ويندا ھئا.(مسند امام احمد، 160/1، حديث: 543) اسان کي بہ پنھنجي حياء جو معيار چيڪ ڪرڻ گھرجي. ھاڻي تہ بلڪل شريف بڻجي حياء سان وينا آھيون، پر وقت بہ وقت اسان جي حياء جو ڇا حال

ٿيندو ھوندو. حديثِ پاڪ ۾ آھي: حياء جيتري بہ ھجي چڱي آھي.

(مسلم، ص 46، حديث: 157)

افسوس ھي آھي تہ اسان جي ھڪ تعداد آھي جيڪي اتي حياء ناھين ڪندا جتي ڪرڻ گھرجي ۽ اُتي حياء ڪندا آھن جتي حياء نہ ڪرڻ گھرجي. جتي گناھ ٿيندا آھن اُتي حياء ڪرٽي ھوندي آھي، انھيءَ طرح بي پردگي ۽ بدنگاھي ۾ حياء ڪرٽي ھوندي آھي تہ منھنجو ربّ مون کي ڏسي رھيو آھي، منھنجو ڇا بڻبو!! حياء جو سڀني کان وڌيڪ حَق ھيءُ آھي تہ اسان اللہ کان حياء ڪيون، پر اسان جو حال اھو آھي تہ اسان گناھ جي ڪمن ۾ حياء ناھيون ڪندا. ان جي برعڪس بعض اوقات جتي نيڪي جو ڪم ٿيندو آھي اُتي معاذاللہ اسان کي شرم اچي ويندي آھي.

(ملفوظات امير اہل سنت)

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net